
بندر ديسان ديس
الطاف شيخ
پوپٽ

# الطاف شيخ ۽ ڏهيسر ڏات

سٺي اخلاق ۽ سٺي سڀاءُ وارو سُرت ۽ ساڃاهه ڀريو سنڌ جو ليکڪ الطاف شيخ سنڌي ادب ۾ چاليهه سالن کان گهڻو تڻو سفرنامن جي حوالي سان چاتو ۽ سڃاتو وڃي پيو. ساڻن هڪ پاٺڪ جي حيثيت ۾، منهنجو ساگر، منهنجوساحل" واري شروعاتي دور کان شروع ٿيل ناتو ڪنهن نه ڪنهن ريت هينئر تائين هلندو رهيو. پر ويجهڙائيءَ ۾سنڌي ادبي سنگت پاران سنڌي لئنگويج اٿارٽي ۾ 17 مئي 2009ع تي ڪوٺايل ايوارڊ تقريب ۾ سندن سادگي واري سڪ ۽ ماڻهن جي ميڙ ۾ پيهي وڃڻ وارو عوامي انداز ڏسي پروڙيم ته حقيقت ۾ سندن سفرنامن جي نسڱلتا ۽ هنڌين ماڳين مشهوري ماڻڻ واري ڪاميابي پڻ سندن انهيءَ سهڻي سلوڪ ۾ سمايل آهي. جنهن لاءِ پاڻ هڪ انٽرويو ۾ چيو اٿن ته "چاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪتاب پڙهڻ کان بهتر ذريعو ماڻهن سان ملڻ آهي."

دنيا جي سڀ کان اڳاٽي لکيل سفرنامن جي اوسر تيرهين صديءَ جي آخر ڌاري ڪيل "مارڪوپولو" جي سياحت جي سربستي احوال، "The book of Marco Polo" کان ٿئي ٿي جنهن کي سڀ کان پهريون ڪتاب ڪري ليکجي ٿو. جڏهن ته سنڌي ادب ۾ وري 1885ع ۾ مرزا قليچ بيگ جن جي لکيل ڪتاب، "ڏاڙهياري جبل جو سير" کي پهريون تحريري سفرنامو سڏيو وڃي ٿو. مگر ان ڏس ۾ نياءُ جي نگاهه سان نبيربو ته "شاهه جو رسالو" سنڌي ادب جو اهو پهريون ڪتاب آهي جنهن کي غير روايتي سفرنامون ليکي سگهجي ٿو. سچي سنڌ، ڪڇ کان ويندي وندر ۽ هنگلاج تائين جي پنڌ ۾ لاکيڻي لطيف جيڪي ڪجهه ووڙيو ۽ پروڙيو آهي ان کي پوري ايمانداري، وڏي سچائي ۽ سونهن واري اڪابري سان ڪلاسيڪل شاعري ۾ سهيڙي ۽سانيپي ويو آهي. سندن انهيءَ آدرشي وکرمان ان وقت جي سماجي، اقتصادي، سياسي توڙي تاريخي سيپتا، ڪار وهنوار ۽ لوڪ حالتن جوادراڪ حاصل ٿئي ٿو.ساڳي سڀاويڪ نموني نثر ۾ سفرناما هلندڙ جديد دور جي سنڌي سيلاني الطاف شيخ کي شاهه سائين جو پيروڪار ڪوٺجي ته غلط نه ٿيندو جيڪو سنڌ هند کان ٻاهر نڪري دنيا جي گولي تي گهمندڙ ملڪن جا حال احوال بنهه سگهاري ۽ سچيت چاڻ ذريعي اسان سنڌ واسين تائين رسائيندو رهيو آهي.

الطاف شيخ کي اڄ سنڌي ادب ۾ سفرنامن جو سرموڙ ۽ سرواڻ ليکڪ طور مڃيو وڃي پيو. بيشڪ! سندن سفرناما ڏوراهن ڏيهن ۽ ڏيساورن جو اندر جي اکين سان ڏٺل عڪس ۽ تهذيبن جي ڪيل تز ترجماني ۽ پوري پرک جو بي مثال نمونو آهن. سنڌباد سيلاني، ابن بطوطه، البيروني ۽ ابن خلدون جي لکيل تاريخي سفرنامن کان ويندي ايڪيهن صديءَ جي اڄوڪي دور تائين سندن نياري حيثيت ۽ مڃتا مٿاهين ماڳ تي مٿيري بيٺل پسبي. سندن لکڻين ۾ معلومات جو ساموندي وشالتا وارو وهڪرو نظر اچي ٿو، جنهن جي چوهه کي ڪا روڪ ناهي. ايئن هن ادب کيتر جي شاهوڪاري کي سمنڊ جي ماڻڪ موتين وانگر اڻ کٽ خزانو ڏيئي اڻ ملهه بنائي ڇڏيو آهي. هيل تائين سندن لکيل ڪتابن جو انگ اٽڪل سٺن ڏهاڪن يعني ستر جي واڪاڻ جوڳي عدد تي اچي رسيو آهي. جن ۾ نه رڳو سفرناما پر ٻين ٻولين جي ادب مان ترجمو ڪيل، لنڊن تائين لفٽ، جاپان رس، پارن جون آکاڻيون جهڙا ڪهاڻين، سوزيءَ سان پيار، مس سدا بهار چنبيلي، جهڙا ناول ۽ مختلف زبانن جي چوڻين، اصطلاحن ۽ پهاڪن تي ٻڌل، "Proverbs of Far-East" وغيره جهڙا ڪتاب شامل رهيا آهن. سچ پچ ادبي ڌراوت ۾ الطاف شيخ جون ڪاوشون اهڙو ملهائتو اضافو آهن جن جي ڪابه ڪٽ ممڪن ناهي، سواءِ هن سٽ جي پيٽا سان!

"جي ماڻڪ موتئين، توءِ ملهه مهانگو ان جو."

هن وٽ لکڻ جي ڏات ڏهيسر آهي ته سنجيدگي سان بنا ڪنهن وڇوٽي وجهڻ جي لڳاتار لکڻ به هن جاڪوڙي ليکڪ جو اهم ڪارنامو ڪري ليکبو پاڻ انهيءَ اورچائي واري

ادبي عادت جي ڪري سنڌي ادب مان جمود کي ٽوڙيندڙ ازم، جا پرچارڪ ۽ عملي اهڃاڻ پڻ ثابت ٿي رهيا آهن. جڏهن ته ساڻن گڏ ۽ پوءِ وارا ادبي سفر تي اُسهيل حال حيات ساٿاري ۽ ادبي قبيلو گهڻي ڀاڱي ماٺار جي ماڪ ۾ ماٺاٺي ويل نظر ايندا. سندن ذات ۽ ذاتءُ جي انيڪ خوبين مان هڪ لکڻ جو فطرتي سلوڻو انداز پڻ آهي. جنهن مان پنهنجائپ وارو هڪ عجيب طلسماتي اثر ۽ احساس پاڻمرادو اپري اچي ٿو. ائين سندن قلم جو ڇهاءُ اوپرن ديسن جي حدن ۽ سرحدن مان اجنبيت، پر انهن ماڳن ۽ ملڪن کان ڏوري ۽ اڻ ڇاڻائي واري سوچ ۽ ڪيفيت جو ڪو انومان باقي نٿو ڇڏي. ايتري قدر جو پڙهندڙ مالمو ۽ ملائيشيا کي به مکلي ۽ مورو جي پر ۾ ٿو پائني. ساڳي ريت سوئيڊن ۽ ناروي جي قطب شمال وارن ڏوراهن ڏيهن، انتهائي اونداهين ڏينهن ۽ ٿڌين ٺڳهين راتين وارن پاڳن جي قصن کي پنهنجي نندپڻ ۾ وڏڙين واتان ٻُڌل نندولاتن جي آکاڻين جو حصو ٿو سمجهي ۽ ڇهن مهينن تي آڌاريل ڏينهن رات واري ڏيهه جا پڻ هوبهو ڏيک ڏسيو وڃي جن کي سدائين هو ڏند ڪٿائي ڪهاڻيون سمجهندو رهيو هو.

ترقي پسند سوچ رکندڙ سنڌ جو سياح الطاف شيخ ميرين انجنيئر جي حيثيت ۾ سامونڊي لهرن جو ويرون ۽ وهڪرا نهاريندي يا ساحل جي واٽ لهڻ لاءِ جاگرافيائي ڦاڪ ۽ گهيرن تي نگاهون ڄمائيندي وقت ناهي گذاريو نه وري ڪو پرڏيهي ملڪن جا پسار ڪندو اجايون پچارون ڪري ٿو. پر هي سنڌ جو سچو سفير بنجي، ڪائنات جو ڪورو تصور ڪٽي مختلف ملڪن جون اڻانگيون واٽون اجهاڳي ٿو. ماڻهن جا مذهبي، معاشرتي چٽ، سياسي ۽ ثقافتي رنگ سهيڙي ٿو. پنهنجي تجربي جي اڻمٽي تنقيدي تور تڪ سان انهن کي پنهنجي سدا ملوڪ جنم ڀومي سنڌ جي هر وستي واهڻ، ريت رسم، سماجي رهڻي ڪهڻي، سياسي اُٿل پُٿل کان وٺي ويندي موسمي وايو منڊال تي مشابهت جي مشاهدي سان پيٽي ٿو. ائين بين الاقوامي ترقي جي چڱاين ۽ لڳاين کي پنهنجي ديس ۽ ان جي واسين جي هيٺن حالن، حالتن، معاشرتي مثاين ۽ اخلاقي قدرن سان گڏ موروثي قومي اُتم ڳڻن کي ڪٿي چرچي ۾ ڪٿي چڙ سان ته ڪٿي ڳنڀير تنقيدي جائزي جي انداز ۾ اظهاري وائکو ڪري وڃيو پار پوي. اهڙي ريت ساڻيهه سان اُڪير جو اعتبار ڏيندي ديس ڌرتي جي مٽي ۾ موريل وڻن ۽ ٻوڙن جو جتي ذڪر ڪري ٿو اُتي اُپ تي اڏامندڙ پکين کي به نه ٿو وساري. ان ڏس ۾ جاڻ وٽن معلومات جي کاڻ لڳندي آهي. ان ڪري دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ جي قصن ۽ حالتن کي پنهنجي ڏيهه سان پيٽڻ واريون مڙيئي تشبيهون، استعاراتي احوال سر بستا ۽ بنهه سچائي سان برميچي بيهن ٿا. جيڪي سندن لکڻين جي نج نبار ۽ سچ هئڻ جي ساک ثابت ٿين ٿا. هن جون باريڪ نظر سان نهاريندڙ نگاهون اهڙي جوءَ تي ڪپي وڃن ٿيون جيڪا عام ڏسندڙن کان هوند الوپ ٿيل هوندي آهي. اهڙي ڳوڙهي مشاهدي جو هڪ مثال آهي، بندر روڊ جا خاص وڻ. (اچن جي ملڪ ۾ اسين ڪارا. صفحو 194)

”انسانن جا ڦڦڙ پر وڻن ٻوٽن جا پن گل ۽ ٽاريون

قدرتي رنگن ۾ نظر اچن ٿيون. ڪراچيءَ جي بندر روڊ تي بيٺل وڻن جي پنن وانگر دونهن جي تهه سان ڪارا نظر نٿا اچن. ڪاربن ۽ مٽيءَ جي تهه وارا اهڙا وڻ توهان کي ڪراچيءَ جي بندر روڊ کان علاوه دنيا جي شآيد ڪنهن ٻئي حصي ۾ نظر اچن.“

سندن اڻ ڳڻين صلاحيتن جو هڪ سهڻو مثال سندن سياح هئڻ سان گڏ ايماندار استاد جون نڀايل ذميداريون پڻ آهن. انهيءَ خوبي کي ڪتب آڻيندي وڏي ڏاهپ سان، ڏٺل کان اڻ ڏٺل، ماضي کان حال ۽ اڄ کان ڪالهه، جهڙن مڙني تدريسي طريقن ۽ اصولن جو استعمال هن جي لکڻ کي ويتر سونهن بخشي وجي ٿو. جيئن ملاڪا ۾ پنهنجن پراون جي ٿيل فسادن جي نتيجي ۾ ان جي پوئتي پوڻ کي سنڌ جي قديم شهر ٺٽي جي اڳوڻي اوج ۽ زوال جي نسبتي تاريخي سببن جي تجزياتي پيٽ ڪندي لکي ٿو ته:

”.....اڄ نٿو فقط تاريخي شهر آهي، تيئن ملاڪا اڄ فقط تاريخي شهر آهي ۽ جيئن ٺٽي بدران هاڻ ٻيا وڏا شهر ٿي ويا آهن. ڪراچي جيڪو مهاڻن جو ڳوٺ هو، سو دنيا جو وڏو

بندرگاهه ٿي پيو آهي. تهڙي طرح هن پاسي ”ملاڪا“ بدران ڪوالالمپور، پينانگ ۽ جوهور بارو جهڙا شهر وڏي ڏاڪي وارا ٿي ويا آهن.“

(مڪلي کان ملاڪا تائين، صفحو 112)

ساڳيو ڪارائتو انداز لوڪ مئگزين ڪراچي، کي ڏنل سندن انٽرويو ۾ موجود ملي ٿو. جڏهن کانئن مطالعي ۾ رهندڙ ڪتابن متعلق سوال ڪيو ويو ته پاڻ پنهنجي سکيا ڏيڻ جي عادت پٽاندڙ نه رڳو ڪتاب، مصنف جو نالو پر ان جي مختصر نموني جامع تاريخ به بيان ڪري وجي ٿو. جنهن مان پڙهندڙ جي معلومات ۾ وڏو اضافو اچي ٿو. ۽ سندن يادگيريءَ جي خاصيت کي به جتن چوڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي.

گهڻي علم وارو ماڻهو هميشه اداس ۽ وياڪل لڳندو آهي. ان نظرئي تي چڪاسبو ته الطاف شيخ جي نيڻن کان ويا ڪلتا جو پاڇو به نه پسو. سوچن ۾ اميد جو سوجهرو ۽ اکرن ۾ ضرورت آهر من موهڻو مذاح ملندو، اهڙو سادگي وارو خوبصورت خاص اسلوب سفرناما پڙهندڙن لاءِ چڪ جو ڪارڻ بڻجي ٿو جو پڙهڻ واري جي دل هرحيلي هروپرو ڪتاب پڙهي پورو ڪرڻ لاءِ تانگهيندي آهي. چوته هي سفرناما حقيقت ۾ هڪ ئي وقت تاريخ، ناول ۽ ڪهاڻي جي تجسس ۽ تسلسل جو دلچسپ ۽ وڻندڙ ميلاپ ڏيکائي ڏين ٿا. هي ملڪان ملڪ جون خبرون چارون زميني حقيقتن کي سامهون رکي نياءَ سان ويهي فڪر وندي ٿو. ائين ڪندي ليڪڪ ڪٿي به ٿلهي ناهه ٺوهه ڪندي نظر نٿو اچي ۽ نه وري ڪو وستار ۾ داستان گوئي واري بياني روايت روا رکي ٿو. هي ڪنهن گائيڊ وانگر اشارن سان نظارا ڏيکارڻ ۽ مٺاچرو مصلحت سندو احوال پڌائڻ بدران ناول جي سٽاُءِ ۾ گفتگو ۽ ڊائلاگ جي ڍنگ سان منظر چٽي ٿو ۽ ڪڏهن ڪهاڻي جي گهاڻيٽي ۾ اونهن خيالن جا روپ رچي ٿو. ائين اڻ ڳڻپ عنوانن سان جوڙيل هن جي موضوعن جي ڪٿائن کي ڪهاڻي به ڪوٺي سگهجي ٿو.

جهڙوڪ: هتان هُتان جون ڳالهيون، گدرن، چانهين ۽ سورج مکي جي چاپ واريون بشرٽون (مڪلي کان ملاڪا تائين) پنهنجو پاڻ کي مشغول رکڻ، حبشي ديو آدم بوءِ آدم بوءِ ڪندو ايندو، روزو ۽ شراب، بس طلاق ئي سمجهو، حسين حبشڻ، گهانا جي ايلس، سمهڻ کپي يا صفائي ۽ سئيڊن ۾ پهرين عيد وغيره (اچن جي ملڪ ۾ اسين ڪارا).

مطلب ته الطاف شيخ جي تخليق جا سمورا رنگ، ادب زندگي لاءِ، واري نظرئي تي آڌاريل آهن. اهوئي سبب آهي جو هن دنيا جي ملڪن جي سماجي ترقي سان گڏ سياسي ۽ ادبي نون نظرياتي لاڙن کي پڻ پنهنجي بحث هيٺ آندو آهي. انساني زندگيءَ جي هر پهلو ۽ احساس کي چٽيو آهي. ڌار ڌار ملڪن سان لاڳاپيل وڻن هر قسم جي چاڻ جي واقفيت اچرج جهڙي چٽبي. ان ڏس ۾ زمين تي سُرندڙ ملائيشيا جي قسمين قسمين نانگن وغيره کان وٺي ستارن ۽ چنڊ بابت سائنسي حقيقتن سان گڏ شاعراڻا تصور ۽ خيال بيان ڪري ٿو. سئي ڌاڳي جي پرديس ۾ اهميت ۽ ضرورت کان ويندي هڪ ئي وقت پاڻيءَ ۽ خشڪي تي هلندڙ هوورڪرافٽ (Hoover Craft) جا اچت احوال سندن ذهن جي يڪتا هئڻ جو اهڃاڻ ڏين ٿا.

”پلي پار ڏي پيرو“، ۾ صديون اڳ حج لاءِ اُسهندڙ پيادل پانڌيئڙن جون مشڪلاتون، صعوبتون ۽ مونجهارا اڄ جي تناظر ۾ ڏيکاري ٿو. ايتري حد تائين جو وچئين وقت ۾ حاجين کي ڪٽي ويندڙ ساموندي جهازن شمس ۽ سفينه عرب جو خلاصو ذڪر ڪري ٿو ويندي 1996ع ۾ مينا جي ميدان ۾ حاجين جي تنبن کي لڳل خطرناڪ باهه کي به بياني وجي ٿو. تازو اسان جي ملڪ ۾ هاڻوڪي عيدالفطر کي بن ڌار ڏينهن تي ملهائڻ جي نتيجي ۾ چنڊ ڏسڻي ڪاميٽي ۽ سرحد حڪومت ۾ چيڙيل تڪراري بحث دوران الطاف شيخ جا ”اچن جي ديس ۾ اسين ڪارا“ ڪتاب ۾ ڏنل ساڳي صورتحال تي به مضمون سئيڊن ۾ پهرين عيد، ۽ عربن ايرانين سان نماز پڙهي، سوچن ۾ سرندا رهيا. جن ۾ مصنف مختلف ملڪن کان آيل مسلمان شاگردن پارن پنهنجي پنهنجي ملڪ جي چنڊ تاريخن تي عيد ڪرڻ واري مناظري متعلق منطقي دليل ۽ ناٽيڪل المناڪ ڪتاب جو حوالو ڏيندي (جنهن ۾ چنڊ جي سچي سال جي

سائنسي طرح بيهڪ ڏيڪاريل آهي) رهندڙ ملڪ جي مسلمانن سان گڏجي هڪڙي ڏينهن تي عيد ڪرڻ لاءِ حقيقي بنيادن تي صحيح حل ڏيندو نظر اچي ٿو.

الطاف شيخ جو شمار انهن اڪيچار سڄاڻ سنڌين ۾ ٿئي ٿو. جن پرڏيهه ۾ پنهنجي تعليم دوران سخت محنت، اورچائي ۽ ذهانت جي ڪري سنڌ جي ناماچاري ڪئي ۽ دنيا جي مختلف ادارن ۾ سندن ڏنل ليڪچرز ديس جي سربلنديءَ جو سبب ٿيندا رهيا آهن. سندن زندگي وانگر لکڻيون پڻ بامقصد ۽ قومي سوچ سان سينگاريل آهن. سندن چوڻ موجب پاڻ لکڻ واري ابتدائي دور ۾ رومانيت جي دلڪشي قائم رکڻ جي ڪوشش فقط ان ڪري ڪندو رهيو ته جيئن سمنڊ جي مالڪي رکندڙ هن ملڪ جي نوجوانن ۾ ساموندي ملازمت ڪرڻ جو لاڙو ۽ چاهه پيدا ڪري سگهجي. هيئنر وري هي روشن خيال ليکڪ ان ڳالهه تي ارمان ڪندو ڏسجي ٿو ته هيل تائين پاڪستان جي ڪابه عورت مئرين ۾ ملازمت ڪرڻ جو ساهس نه ساري سگهي آهي جڏهن ته نائيجيريا ۽ گهانا جهڙن پٺتي پيل ڪيترن ملڪن جون ڇايون وڏا عهدا ماڻي ڏيساور ۾ سکيا حاصل ڪنديون رهيون آهن. ان ڪان سواءِ ماڻهپو ۽ انساني برابري جي اُتم اصولن کي ايمان سمجهندڙ ذات ذٽي کي ترقي يافته آمريڪا، يورپ، سوشلسٽ چين، روس توڙي مسلم عرب ملڪن ۾ آفريڪا ۽ ايشيا جهڙن ترقي پذير ملڪن جي رهواسين سان رنگ، روپ ۽ نسل آڌار روا رکيل طبقاتي فرق ۽ انساني متڀيد وارو اٿوڻٽ وهنوار ۽ ڪسو سلوڪ نٿو وڻي. اهڙين سيني غير حقيقي حالتن ۽ ڏاڍاين کي وس آهر نندي ٿو. انهيءَ ڳڻ ڳوت ڪري پاڻ ڪويت ۾ ملندڙ وڏي پگهار ۽ گهڻين آسائشن واري ملازمت جي پيٽ ۾ ملائيشيا ۾ ٿوري پگهار ۽ گهٽ سهولت ملڻ کي ترجيح ڏئي ٿو. ان جو اصل ڪارڻ ڪويت ۾ عرب مسلم ملڪن وانگر نندي ڪنڌ جي مسلمانن کي گورن کان ڪمتر سمجهڻ وارو رويو ۽ هلت هئي جڏهن ته ملائيشيا ۾ ملڪي موسم جي هڪجهڙائي موجب مڙني ماڻهن کي برابري واري مانائتي حيثيت ڏني وڃي ٿي.

ويهين صديءَ کان ايڪيهين جو سنگم اڪري پار ايندڙ هي قلمڪار پنهنجي قلمي پورهئي جي پٽ اڄ به رکندو اچي. سندن ڪالمن ۾ ڪچهري جي سونهن ۽ ڪتابن ۾ وري تذڪرن، تجزين ۽ تبصرن جي ٻولائتي بناوت ۽ بيهڪ قائم رهندي اچي. مطلب ته الطاف شيخ هاسيڪار لکي پيو ۽ لکڻ هن جي هابي بنجي ويو آهي. ذهني آسودگي ۽ آزاديءَ تي يقين رکندي فڪري پاٽيرائپ کي انفنٽي تائين اظهارڻ جا سانباها ڪندو نظر اچي ٿو. سندن اندر جي اُڄ اڳري ۽ اتساهه ڏينهان ڏينهن تازو توانو ۽ ”پيان نه ڍاپان“ جو ورجاءُ ڪندو لڳي ٿو. سندن هنن ادب جي عظيم ڪارنامن کي ڏسندي جتي دل مان دعا نڪري ٿي، فڪر محسوس ٿئي ٿو اُت اها اميد به جاڳي ٿي ته پاڻ سندن ڪتابن سان گڏ سنڌي چونڊ ادب کي ٻين ٻولين ۾ ترجمو ڪري دنيا ۾ متعارف ڪرائڻ وارو اورچ ڪم پڻ انجام ڏيڻ لاءِ وک وڌائيندو. اهو سندن لاءِ هڪ اعزاز هوندو ته اسان سنڌ واسين لاءِ ڳاٽ اوچو ڪرڻ جو سبب بڻبو. هونئن سندن سير ۽ سفرناما دنيا گهمندڙن لاءِ وڏي وٿ آهن. اڻ چاتل ديسن ۾ ويندڙن لاءِ ڪارگر ۽ ڪامياب سونهون بنجي سگهن ٿا. اڄوڪي ماندڪائي واري ماحول ۾ محبتون وڃايل ماڻهون انهن کي پڙهي ڏيد، آٿت ۽ آسري واري وقتي خوشي ماڻي سگهي ٿو. اڄ جي گهٽ ٻوسٽ ۽ معاشرتي ڇڪ ڌاهه جي دور ۾ الطاف شيخ جي لکيل سفرنامن پڙهڻ جي اهميت کي نظر انداز نٿو ڪري سگهجي. انهن جو سڀ کان بهتر ڪارج تڏهن صاب پوندو جڏهن انهن ۾ سمايل سنڌ ڌرتيءَ ۽ ٻين ملڪن متعلق بي انت مربوط معلومات مان ايندڙ نسل جو ذهن پوري ريت فيضياب ٿي سگهي. قومي ڳڻن جي واڌ ويجهه لاءِ هر لئبريري ۾ هنن ڪتابن جي موجودگي کي يقيني بنائڻ کانسواءِ نصاب ۾ شامل ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. ڇوته آدرشي سماج جي اڏاوت سٺي ۽ صحتمند ادب سان ئي ممڪن ٿئي ٿي.

مريم مجيدي

سجاول

# انجنيئر مختيار شيخ نالي

هي ڪتاب لاڙڪاڻي جي مختيار شيخ کي منسوب ڪندي خوشي محسوس ڪريان ٿو. مختيار اديب يا شاعر ته نه آهي پر ادب دوست ضرور آهي. سڀ کان وڌي ڳالهه ته هو انسان دوست آهي. مختيار هڪ عجيب ماڻهو آهي جنهن جهڙا هن دنيا ۾ تمام گهٽ ملندا. هو جڏهن ننڍو هو ۽ منهنجي هڪ پاڙيجي سان گڏ انجنيئرنگ ڪاليج ۾ پڙهندو هو تڏهن به هو ٻين شاگردن کان مختلف طبعيت جو هو۽ هاڻ جڏهن ڪيس ڪسٽمس جهڙي اهم سرڪاري کاتي ۾ اعليٰ عملدار جي حيثيت سان ڏسان ٿو تڏهن به هو باقي آفيسرن ۽ ساٿين کان الڳ ٿلڳ طبعيت جو لڳي ٿو. هو ننڍپڻ کان هڪ سباجهو، ٻين جو خيال رکڻ وارو، ٻين جي خوشيءَ ۾ خوش رهڻ وارو ۽ انسان ذات جي خدمت ڪرڻ وارو نيڪ ۽ مثالي انسان آهي.

ستر واري ڏهي جي شروع وارن سالن ۾ جڏهن منهنجو جهاز ڪراچي ايندو هو ۽ اتي جي هڪ هاسٽل ۾ جڏهن به پنهنجي پاڙيجي سان ملڻ ويندو هوس ته منهنجي مختيار سان ملاقات ٿيندي هئي. مختيار سڀني شاگردن جو پيارو دوست هو. هو جيتوڻيڪ پاڻ هاسٽل ۾ نه رهندو هو پر سنڌ جي ڳوٺن کان آيل شاگردن لاءِ هر وقت پنهنجي گهران ڪجهه نه ڪجهه کائڻ پيئڻ جون شيون کڻي ايندو هو. ڪو شاگرد بيمار ٿي پوندو هو يا ڳوٺ لاءِ روانو ٿيندو هو ته هن کي پاڻ اسپتال يا ريلوي اسٽيشن تي ڇڏي ايندو هو. ايتري قدر جو آئون به هر دفعي کيس پنهنجي پاڙيجي ۽ پنهنجي ڳوٺ جي ٻن ٽن شاگردن جي پارت ڪري ويندو هوس. مون لاءِ اها حيرت جي ڳالهه هئي ڇو جو اسان جڏهن شاگرد هئاسين ته پنهنجي ڪلاس ميٽن سان ڳالهه ٻالهه تي وڙهندا هئاسين ۽ هي نينگر (مختيار) سڀني سان قربائتو رهيو ٿي ۽ سنڌس دل ۾ انسان ذات لاءِ همدردي جو جذبو هو.

مختيار سان سندس پڙهائي وارن ڏينهن ۾ ملاقاتون ٿيڻ بعد ٽي ڏهائيون گذري ويون. اسان پوڙها ٿي رٽائرڊ ٿي وياسين. منهنجو ڪوايڪڙ بيڪڙ جهازراني سان تعلق رکندڙ دوست شپنگ جو ڪاروبار ڪندو رهيو. هڪ ڏينهن انهن مان هڪ، ڪئپٽن مظهر زيديءَ مون کي چيو ته ڪراچي بندرگاهه جي ڪسٽمس کاتي ۾ هڪ سنڌي اعليٰ عملدار آهي جيڪو بيحد نيڪ آهي ۽ هو اجايون سجايون رنڊڪون وجهي نڪي ڪنهن کي تنگ ڪري ٿو ۽ نه وري کيس ڪا پئسي ڏوڪڙ جي لالچ آهي جيڪا اسان وٽ سرڪاري ڪامورن ۾ عام ٿيندي وڃي. هن اهو به ٻڌايو ته هو بيحد ذهين، محنتي ۽ efficient آفيسر آهي ۽ سندس سڀ تعريف ڪن ٿا.

”ڇئبو ته هن نفسانفسي واري دور ۾ به اجان ڪي آهن ڪلجڳ منجهه ڪاپڙي وارو حساب آهي. اهڙي نيڪ ماڻهو سان ته ملڻ کپي. مون پنهنجي ڪئپٽن دوست زيديءَ کي چيو، جنهن سان گڏ جوانيءَ جي ڏينهن ۾ مون ڪيترائي جهاز هلايا هئا.

”هو صاحب پاڻ به توسان ملڻ ٿو چاهي ۽ هو توکي چڱي طرح سڃاڻي ٿو.“ زيديءَ چيو:

”شايد منهنجو ڪو ڪتاب يا اخبار ۾ ڪالم پڙهيو هجيس“ مون چيو ”نه، هن مون کان تنهنجو ٽيليفون نمبر ورتو آهي ۽ اڄ ئي ڳالهائيندو بقول هن جي توهان ٻنهي جي پراڻي واقفيت آهي.“ ڪئپٽن زيديءَ ٻڌايو. مونکي ڏاڍي حيرت ٿي ته اهو مختيار شيخ صاحب ڪير ٿي سگهي ٿو. شام تائين انتظار ڪرڻ بدران مون کيس ان وقت ئي فون ڪيو ۽ خبر پيئي ته هي سٺي طبعيت وارو صاحب اهوئي شاگرد آهي جيڪو ننڍي هوندي به بنا لالچ جي ٻين جا ڪم ڪندو رهيو ٿي.

مختيار شيخ جو لاڙڪاڻي جي هڪ بزنس فئملي سان تعلق آهي. هنن جون لاڙڪاڻي ۽ سکر ۾ فلور ملون ۽ رائيس ملون آهن، جنهن جو ڪريڊٽ مختيار جي والد صاحب حاجي عبدالرزاق شيخ صاحب کي ڏيڻ کپي جنهن وڏي محنت ۽ ايمانداريءَ سان هي

ڪاروبار سيٽ ڪيو ان سان گڏ پنهنجن ٻارن کي تعليم جي زيور سان به آراسته ڪيو. عبدالرزاق شيخ صاحب جو ڪئنسر سبب 1988ع ۾ انتقال ٿي ويو. لاڙڪاڻي جا منهنجا دوست عبدالرزاق صاحب لاءِ به ساڳي ڳالهه ڪن ٿا ته هن کي انسان ذات سان همدردي ۽ پيار هو. هو غريب غربي جي مدد ڪرڻ کي پنهنجي زندگي جو مقصد سمجهندو هو. اهي ڀڏائين ٿا ته مختيار ۾ به سندس والد واريون ساڳيون سٺايون آيون آهن. پنجن ڀائر ۾ مختيار چوٿين نمبر تي آهي. مختيار جا ٻه وڏا ڀائر ممتاز شيخ ۽ حاجي اختر علي شيخ لاڙڪاڻي ۾ بزنس کي ڏسن ٿا. ممتاز فيڊريشن چئمبر آف ڪامرس جو نائب صدر به آهي.سندس ٽيون ڀاءُ آفتاب احمد شيخ پهرين FIA ۾ هو هاڻ پورٽ قاسم ۾ آفيسر آهي ۽ ننڍو ڀاءُ ڊاڪٽر عبدالجبار شيخ جنهن سنڌ ميڊيڪل ڪاليج ڪراچي مان MBBS ڪئي ۽ سال 1992ع ۾ آمريڪا جي بوسٽن يونيورسٽي مان ماسٽرس جي ڊگري حاصل ڪئي، اڄ ڪلهه سٽي ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ ڪراچي ۾ Regulation & Quality Control ۾ ڊسٽرڪٽ آفيسر آهي.

مختيار شيخ جن جو اصل ڳوٺ چوهڙپور هو جنهن ۾ سندس ڏاڏي محمد عظيم شيخ جي زمينداري هئي. ان بعد مختيار جي والد عبدالرزاق شيخ صاحب ٻارن جي پڙهائي خاطر لاڙڪاڻي شهر ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي جتي زميناداري سان گڏ هن فلور ۽ رائيس ملن جا ڪارخانا ۽ واپار شروع ڪيو. مختيار لاڙڪاڻي مان بنيادي تعليم حاصل ڪرڻ بعد دائود انجنيئرنگ ڪاليج ( NED يونيورسٽي) مان اليڪٽرونڪس ۾ B.E ڪئي. انجنيئرنگ جي ڊگري حاصل ڪرڻ بعد هن ٻه سال ڪن ADA ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر جي حيثيت ۾ نوڪري ڪئي ان بعد 1984ع کان سندس واسطو پاڪستان جي ڪسٽمس کاتي سان آهي جتي هن کي شروع ۾ ٽيڪنيڪل اپريزر جي حيثيت سان رکيو ويو. پاڻ ڪسٽمس آفيسرس ايسوسيئيشن جو صدر به رهي چڪو آهي. انجنيئر هجڻ جي ناتي پاڻ پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل جو ميمبر آهي ۽ ٽي دفعا انجنيئرنگ ڪائونسل جو ايگزيڪيوٽو ميمبر به رهي چڪو آهي. اولاد ۾ کيس ٻه پٽ ساجد شيخ ۽ ماجد مختيار ۽ ٽي ڌيئون آهن. مختيار شيخ جي جنم جي تاريخ 2 سيپٽمبر 1962ع آهي.

**الطاف شيخ**
1 – جنوري 2011
ڪراچي

چين جي هڪ خوبصورت مسجد
هانگ ڪانگ شهر جي هڪ گهٽي
جپان ۾ ڪي ڇوڪريون جپان جو روايتي لباس اوڍين ٿيون ته ڪي مغربي لباس ۽ مغربي فيشن کي پسند ڪن ٿيون
هانگ ڪانگ ۾ هلندڙ هڪ ڊبل ڊيڪر بس
هانگ ڪانگ جي هڪ چيني ڇوڪري
1963ع جي هڪ يادگار تصوير جڏهن الطاف شيخ (ساڄي کان پهريون) ۽ سندس ڪلاس ميٽ ڪئپٽن سيد محمد، ڪئپٽن حامد حسين ۽ ڪئپٽن عبدالله مئرين اڪيڊمي چٽگانگ ۾ ڪئڊٽ هئا
1976ع جي تصوير جڏهن الطاف شيخ جهاز جو چيف انجنيئر ٿيو
جپان - رنگين وڳن (ڪمونو) جو ديس
گيشا جون خدمتون فقط راڳ ٻڌائڻ، ڪچهري ڪرڻ، چانهه پيارڻ، شراب اوتي ڏيڻ يا سگريٽ دکائي ڏيڻ تائين محدود آهن. هڪ يورپي سياح ڪيوٽو شهر جي گيشا سان گڏ هڪ گيشا کي پنهنجو پاڻ کي تيار ڪرڻ ۾ ڪلاڪ لڳيو وڃن
هانگ ڪانگ ۾ بيٺل هڪ مسافر بردار جهاز
هانگ ڪانگ جو هڪ سنڌي سيٺ ڪي. سيتل ۽ سندس زال، هانگ ڪانگ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر سان گڏ
سنگاپور جا ملئي رهاڪو ناچ ڪري رهيا آهن
سنگاپور ۾ ملئي ۽ چيني راندين جي ڏينهن تي
هانگ ڪانگ ۾ چينين جي نئين سال تي Lion Dance
هانگ ڪانگ رات جي وقت
ڏکڻ ڪوريا جي گادي واري شهر سيول جي سينٽرل مسجد
اڄ جي چين جا ڪيترائي شهر جپان ۽ يورپ جي شهرن جو ڏيک ڏين ٿا
بحر اسود جي ڪناري واري ملڪ رومانيا جي هڪ
پهاڙيءَ تي Resort (رهائش جي هوٽل)
1968ع ۾ سندربنس نالي يوگوسلايا کان خريد ڪيل جهاز جو پهريون عملو. الطاف شيخ ويٺلن ۾ کاٻي کان ٽيون نمبر
هانگ ڪانگ ۾ نئين سال تي هلندڙ Lion – Dance
پاناما ڪئنال مان جهاز گذري رهيا آهن
هانگ ڪانگ جون ٽي رانديگر ڇوڪريون
ڪيوٽو (جپان) ۾ هڪ گيشا هٿ سان ڇڪڻ واري رڪشا ۾ سوار
ڪيوٽو (جپان) جي هڪ بازار ۾ ٻه گيشائون واڪ ڪري رهيون آهن
سامان کڻندڙ هڪ بحري جهاز
الطاف شيخ جي هڪ ويجهڙائي واري تصوير
هانگ ڪانگ ۽ ڪولون جي وچ ۾ هلندڙ فيريون
چين جي هڪ مسجد ٻاهران روڊ تي لڳل بورڊ
هانگ ڪانگ جي رستن تي هلندڙ مڪاني چيني
هانگ ڪانگ جون ڪجهه چيني ڇوڪريون
هانگ ڪانگ ۾ هلندڙ هڪ ڊبل ڊيڪر بس

سٽاءُ

- پبلشر نوٽ: قربان منگي
- انجنيئر مختيار شيخ : الطاف شيخ
- الطاف شيخ ۽ ڏهيسر ذات: مريم مجيدي
- پنهنجي پاران: الطاف شيخ
- جپان ــ هڪ نرالو ملڪ
- بئنڪاڪ ــ هڪ بدنام بندرگاهه
- جهاز تي حلال ۽ حرام گوشت جا مسئلا
- اسان جي ملڪ جي خلاصين جو حال
- مِني ڪرين، سُستي پمپ ۽ ڊارلنگ رُبي.....
- تيل مان نقلي وار (Wig) ۽ عطر ٺهي ٿو
- آهي ڪو جپانين جو مقابلو ڪرڻ وارو؟
- ”پهرين آءُ پهرين آءُ“ ڪندي گاڏي ڇٽي وئي.....
- ڪا رنڙ، ڪا بيواهه، ڪا مڙس جا موچڙا کاڌل.....
- اسان جي ملڪ کي ناٽي جي ضرورت آهي
- ميان مِٺو! چُورِي کاءُ
- ساهڙ! سير لنگهاءِ تون
- ڪارا، ڳاڙها ۽ اڇا سمنڊ
- چين جي مارڪيٽن ۾ پولڙي جو ميڇالو
- پنج سو رهو پنجاسي
- دنيا جو سڀ کان کارو ۽ سڀ کان مِٺو سمنڊ
- اب ڪي برس تو سو برس
- جپانين جو ”ها“ جو مطلب ”ها“ نه آهي
- اسان لاءِ دبي ۾ ٽڪريون
- پاڪستاني گڏهه پاڻهي جپان پهچيو وڃي
- مانواري ياماگچيءَ جي عزتماب زال........
- اهڙو ناچ ڏسي دل خوش ٿي وئي
- ست سمنڊ ڏوري ڏوري........
- جپان کي هڪ هزار کان مٿي بندرگاهه آهن
- آئون رنڊي ضرور آهيان، پر..........
- جپان جون گيشائون ڪير آهن..........
- جپان ۾ وڏيرڪي سسٽم جي جهلڪ
- جپاني گهر ۽ پبلڪ باٿ
- جپانين جون حيرت انگيز عادتون

بندر ديسان ديس، مُلهه نه مِلي وارئين،
فقيراڻي ويس، اَمُلَ ڏِيَنِ اَتورِيا.

(لطيف رحه)

# بندر ديسان ديس

(سفرنامو)

الطاف شيخ

پوپٽ پبلشنگ هائوس
سنڌ ٻالڪ سنگت - خيرپور ميرس

## POPAT BOOK NO. 21


**بندر ديسان ديس**

(سفرنامو)

ليکڪ: الطاف شيخ

ڇاپو پهريون: 1978ع

ڇاپو ٻيون: 1980ع

ڇاپو ٽيون (سنواريل ۽ وڌايل): 2011ع

تعداد: هڪ هزار

ٽائيٽل ڊزائين: سعيد منگي

ڪمپوزنگ: فهيم منگي

ڇپيندڙ: پوپٽ پرنٽنگ پريس، خيرپور

ڇپائيندڙ: پوپٽ پبلشنگ هائوس

سنڌ ٻالڪ سنگت خيرپور ميرس

قيمت: **300** روپيا

**BANDAR DESAA'N DES**

(Travelogue)

By: Altaf Shaikh

First Edition: 1978

Second Edition: 1980

Third Edition (Revised & Enlarged): 2011

Quantity: 1000 copies

Title Designed by: Saeed Mangi

Composing: Faheem Mangi

Printed by: Popat Printing Press, Khairpur

Published by: Popat Publishing House

Sindh Balak Sangat Khairpur Mirs'

**Rs: 300/-**

# پبلشر نوٽ

محترم الطاف شيخ جو نالو سنڌي سفرناما نگاري جي حوالي سان ڪنهن به روايتي تعارف جو محتاج ڪين آهي. دنيا جي جنهن به خطي ۾ سنڌي ٻولي ڳالھائيندڙ ۽ سنڌي ڪتاب پڙهندڙ رهن ٿا، اهي الطاف شيخ جي شخصيت ۽ سندس غير معمولي ادبي ڪم کان چڱي طرح واقف آهن. بنا ڪنهن شڪ جي الطاف شيخ سنڌي ٻوليءَ جو اهو سڀاڳو ليکڪ آهي جنهن جا ڪتاب گهڻي کان گهڻا پڙهيا وڃن ٿا ۽ سندس ايندڙ ڪتابن جو بيچينيءَ سان انتظار ڪيو وڃي ٿو. الطاف شيخ هن وقت تائين پنهنجي پڙهندڙن کي ستر کان مٿي ڪتاب ڏئي چڪو آهي الطاف شيخ جا ڪتاب نه صرف سنڌ جي نوجوانن کي ڪتابن سان دوستيءَ ڏانهن راغب ڪن ٿا پر اُهي منجهن تعليم توڙي روزگار جي سانگي سان سموري دنيا کي ڏسڻ پسڻ ۽ دنيا جو سير ڪرڻ لاءِ اُتساهن پڻ ٿا. ذاتي حوالي سان الطاف شيخ جي شخصيت منهنجي لاءِ پڻ هميشه اُتساهه جو سبب رهي آهي. سندس ڪتابن کي پڙهي ئي منهنجي من ۾ دنيا جي مختلف ملڪن جا سفر ڪرڻ جو خيال رهيو آهي ۽ انهيءَ خيال کي عملي روپ ڏيڻ لاءِ مون پڻ پنهنجي وسيلن آڌار ڪيترائي پرڏيهي سفر ڪيا آهن ۽ انهن کي سفرنامن جي صورت ۾ قلمبند ڪيو آهي.

الطاف شيخ جي لکڻ جو انداز نهايت سلوڻو ۽ دلچسپ آهي اهوئي سبب آهي جو سندس سفرناما وڏ کان وڏ پڙهيا وڃن ٿا. ”بندر ديسان ديس “ الطاف شيخ جي بنهه شروعاتي سفرنامن مان هڪ آهي جنهن کي پڙهندڙن پاران تمام گهڻي موٽ ملي هُئي تيزيءَ سان بدلجندڙ هاڻوڪي دنيا جي پيش منظر ۾ الطاف شيخ هن املهه ڪتاب کي نئين سري سان سنواري ۽ ان ۾ نوان واڌاري ڪري ان جي ڇپائيءَ جي ذميداري پوپٽ پبلشنگ هائوس کي ڏني آهي. جنهن لاءِ اسين سندس ٿورائتا آهيون اميد ته هي ڪتاب پڙهندڙن وٽ مان ماڻيندو.

قربان منگي
چيئرمين
پوپٽ پبلشنگ هائوس
سنڌ ٻالڪ سنگت خيرپور ميرس

## الطاف شيخ جا ڇپيل ڪتاب

انامِيڪا
منهنجو ساگر، منهنجو ساحل
پيار جي ڳُهٽ
وايون وڻجارن جون
سي ٻيڙيون رکين ٻاجهه سين
دنيا آهي ڪاڪ محل
سمونڊ جن ساٿيهه
بندر بازاريون
سمونڊ جي سيوين
سي ئي جوپن ڏينهن
بندر ديسان ديس
خبرون کيڙائن جون
ڪويت ڪنارا
ڇا جو ديس ڇا جو وِديس
جاني ته جهاز ۾
جپان جن جي جيءَ ۾
ڳالهيون تنهن جپان جون
خدا ڏي خط
جپان رس
سانپاهو سمونڊ جو
موج نه سهي مَڪڙي
الطاف شيخ جي نوٽ بڪ تان
بهترين سفرناما
لنڊن تائين لفٽ
ٻارن جون آکاڻيون
ٽوڪيو جي گيشا گرل
مڪليءَ کان ملاڪا تائين
سنگاپور ويندي ويندي
ڪوالالمپور ڪجهه ڪوهه
ماستر هريام جو ٻئنڪاڪ وڃڻ
دنگي منجهه درياهه
ڏاهي جهرڪي
جت جر وهي ٿو جال
يادن جي انڊلٺ
ڳالهيون آهن ڳچ
اي جرني ٽو ٿائيلينڊ

Proverbs of Far East

او هريا جي عميق ڏي
اچن جي ملڪن ۾ اسين ڪارا
ملير ڪان مالمو
جت برف پئي ٿي جام
ڪراچيءَ ڪان ڪوپن هيگن
ارائونڊ جي ورلڊ
رتي آهي گهوٽ سان
يورپ جا ڏينهن يورپ جون راتيون
اي روڊ ٿو مدينا
هيلسنڪي جي حسينا
سنگاپور ٿو سڏ ڪري
آل ابائوٽ سنگاپور
ملائيشيا منهنجي من ۾
پلي پار تان پيرو
هي بيٽ هي ڪنارا
بوتلن جو سفر
سوزيءَ سان پيار
جل پريون
ملائيشيا 12 سالن بعد
تيستائين گڏباءِ
جپان پنجويهه ورهين بعد
ڪراچيءَ ڪان ڪوڪورا
دهليءَ جو درشن
نيو هالا ڪان نيويارڪ
بخشو لغاريءَ ڪان بالٽيمور
ايران ڏي اُڏام
چنڊ چوانءِ سچ
هلي ڏسجي هندستان
سمندر ڪي دن
ملائيشيا ڪي دن
يورپ ڪي دن
ڪراچي سي ڪوپن هيگن
ايران ڪي دن
جهاز چلاني ڪي دن
جاپان ڪي دن

# پنهنجي طرفان

هن سفرنامي “بندر ديسان ديس” ۾ ڏور اوڀر جي ملڪن ـ خاص ڪري جپان، ڪوريا، هانگ ڪانگ، چين، ٿائلينڊ ۽ ملائيشيا جي ملڪن جو ذڪر آهي. هن سفرنامي (ڪتاب) ۾ منهنجي انهن سامونڊي سفرن جو احوال آهي جيڪي مون هڪ جونئر انجنيئر (ففٿ انجنيئر کان ٿرڊ انجنيئر) جي حيثيت سان ڏور اوڀر ۽ ڏکڻ اوڀر جي بندرگاهن ڏي ويندڙ مختلف جهازن تي ڪيا.

اڄ جي نوجوان کي هن سفرنامي ۾ جتي هڪ جوان ۽ بي پرواهه جهازي (Seafarer) ۽ ليکڪ جون الهڙ ۽ آزاد ڳالهيون ۽ ڳالهه ڳالهه تي ٽهڪ ۽ خوشي نظر ايندي اتي پڙهندڙ کي اها پڻ حيراني ٿيندي ته جپان، هانگ ڪانگ ويندي ڪوريا ۽ سنگاپور جهڙا ملڪ جيڪي اڄ الائي چا لڳن ٿا، جن جي گهمڻ لاءِ اسان کي فقط ويزا حاصل ڪرڻ لاءِ جتيون گسائڻيون پون ٿيون، انهن جي انهن ڏينهن ۾ ٽنڊو آدم يا شهدادپور جهڙي حيثيت ڪا مس هئي.

سامونڊي جهازن تي نوڪريءَ جي شروعات مون سٺ واري ڏهي جي آخري سالن کان ڪئي. ٻي جنگ عظيم (World War 2) کي لڳي ويهارو سال ٿي چڪا هئا پر ڪيترائي ملڪ جيڪي ان اثر هيٺ آيا اهي اڃان ان جي تباهي ۽ شاڪ مان پوري طرح نڪري نه سگهيا هئا، پاڪستان ۽ انديا ۾ وڏي آدمشماري هجڻ ڪري ڪن ڪن ڳالهين جي غربت ضرور هئي پر اناج ۽ ميون پاڇين جي نه هئي. تڏهن ته اسان چانورن ۽ ڪڻڪ جا جهاز ڀري جرمني ۽ جپان جهڙن ملڪن ڏي وياسين ٿي. اسان وٽ غربت هئي پر ڪو انگ اگهاڙو نٿي هليو تڏهن ته ڪپهه، سوٽي ڌاڳي ۽ لٽي جي تاڪين سان جهاز ڀري لنڊن، لورپول ۽ هانگ ڪانگ وياسين ٿي. غريب هئاسين پر حيدرآباد، نواب شاه، هالا، ٽنڊوڄام جهڙن ننڍن شهرن ۾ به نه فقط تعليمي ادارا هئا پر تعليم جو معيار اعليٰ هو؛ تڏهن ته ايران، سعودي عرب، فلسطين، ملائشيا جا شاگرد اسان جي ملڪ ۾ آيا ٿي. ملڪ جي ساليانی بجيٽ کٽي ايتري نه هئي پر ڪوشش ڪري پلاننگ اهڙي سٺي نموني سان ڪئي وئي ٿي جو ڪوريا جهڙا ملڪ پنهنجا ٽيڪنيڪل ماڻهو اسان جي ملڪ ڏي موڪليندا هئا ته هو اسان وٽان سکي وڃن. اسان جو ملڪ انڊسٽريلسٽ ناهي ته به ڪراچي ۽ پنجاب جي مختلف شهرن ۾ ايتريون ته فئڪٽريون هيون جو هرڪو روزگار کي لڳو پيو هو. گهر جي ڪم ڪارين ۽ ٻين Odd ڪمن لاءِ مشرقي پاڪستان، برما، افغانستان ويندي ملائشيا، انڊونيشيا ۽ ايران کان اتي جا ماڻهو اسان وٽ روزگار ڪمائڻ لاءِ آيا ٿي.

ملائيشيا، سنگاپور ۽ سري لنڪا جهڙا ملڪ، تعليمي ادارن توڙي ٽيڪنيڪل ڳالهين ۾ اسان کان گهٽو گهٽو پٺتي هئا. منهنجو جهازراني ۽ جهاز سازي سان واسطو آهي. رڳو ان فيلڊ کي ڏٺو وڃي ته اسان جي ملڪ ۾ جهاز راني جي تعليمي اداري ۽ شپنگ ڪمپني جي شروع ٿيڻ کان پوءِ ملائيشيا، سنگاپور ۽ سري لنڪا ۾، 15 کن سالن بعد، اهي ادارا شروع ٿيا. سي به اسان جي ماڻهن ذريعي شروع ڪيا ويا. جهڙوڪر ڪالهوڪو ڏينهن آهي جو انهن ملڪن جي جهازران ڪمپنين جي هيڊ آفيسن ۾ مئنيجنگ ڊائريڪٽر يا ٽيڪنيڪل ڊائريڪٽر ظفر زبيري، ڪئپٽن سئٽنا، ڪئپٽن سعيد، ڪئپٽن جلال اڪبر، چيف انجنيئر ابراهيم شريف، ڪئپٽن عمران انصاري..........۽ ٻيا پاڪستاني ويٺا هئا. ملائشيا جي مئرين اڪيڊمي مون سان گڏ منهنجن پاڪستاني ڪلاس ميٽن آصف غيور، دربيلي جي احمد حسين مخدوم، ڪئپٽن عثمان، ڪئپٽن ايس ايم سليم جن 1982ع ۾ شروع ڪرائي نه ته ان کان اڳ ملائيشيا جا نوجوان ان فيلڊ ۾ تعليم حآصل ڪرڻ لاءِ پاڪستان يا انڊيا ۾ ايندا هئا. اهڙي طرح سنگاپور ۽ ملائيشيا جي ايئر لائين آهي. 1982ع ۾ مون سان گڏ PIA جو هڪ انجنيئر يوسف

شاهه ڪوالالمپور ويندڙ هوائي جهاز ۾ سفر ڪري رهيو هو. هن ٻڌايو ته ملائيشيا وارا MAS نالي ايئر لائنز ڪولي رهيا آهن ان لاءِ هن کي پڻ گهرايو اٿن. يوسف شاهه اڃان تائين اتي آهي.

هي سڀ ڪجهه 1980ع واري ڏهي جي شروعاتي سالن جون ڳالهيون آهن نه ته ان کان 20 سال کن اڳ ته هنن ملڪن جي حالت اڃان به اسان کان پتلي هئي. منهنجي شادي 1971ع ۾ ٿي ان بعد منهنجي زال ۽ ٻار لڳاتار 1981ع تائين مختلف جهازن تي مون سان گڏ سفر ڪندا رهيا. مون کي هن وقت پنهنجي زال جا به رمارڪ چڱي طرح ياد آهن جڏهن جهاز پينانگ (ملائيشيا) پهتو هو ته پينانگ جي ٻهراڙي واري علائقي ٻٽرورٿ ۾ ڪجهه ملئي فئملين جو پاڙو اوڙو ۽ گهر گهاٽ ڏسي چيو هئائين ته ”هي ويچارا ڪيترو ته Unhygenic حالتن ۾ رهن ٿا“. ۽ جوهور بارو پهچڻ تي منهنجي ملئي دوست جڏهن چيو ته هن جو پُٽ انٽرپاس ڪري ته منهنجي نظرداريءَ ۾ ميڊيڪل جي تعليم لاءِ LMC ڄامشورو موڪليانس جتي جو هڪ ڊينٽل سرجن (ڊاڪٽر رضا شيخ) هنن وٽ جوهوربارو ۾ نوڪري ڪري رهيو هو. ڊاڪٽر رضا منهنجو پيٽارو جو ڪلاس ميٽ آهي ۽ منهنجو ڳوٺائي ڊاڪٽر عبدالرحمان ميمڻ (جيڪو پوءِ مهراڻ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر ٿيو) اهو اتي شاهه عالم ڪاليج ۾ اليڪٽرونڪس جو پروفيسر هو ۽ مڪاني ملئي ماڻهو هنن مان بيحد متاثر هئا ۽ سندن ڪري اسان جي ملڪ جو به نالو ڳايو ويو ٿي.

انهن ڏينهن ۾ اسان جو جهاز ڏکڻ پاسي جپان تائين ويو ٿي. شادي بعد جڏهن پهريون دفعو ڏکڻ ڪوريا جي بندرگاهه Pusan ، جنهن کي بوسان به سڏين، وياسين. اڄ اهو شهر امير، خوبصورت ۽ ٽوئرسٽن جي گهمڻ لاءِ ماڊرن ۽ پرڪشش ٿي پيو آهي، انهن ڏينهن ۾ غريب هڪ طرف هو ته گدلو ٻئي طرف، جو جپان جي بندرگاهه نگويا ۾ هفتو کن رهي جڏهن 6 ڪلاڪن جي سفرتي ڏکڻ ڪوريا جي بندرگاهه پوسان ۾ پهتاسين ۽ شام جو شهر گهمڻ لاءِ نڪتاسين ته جتي ڪٿي رستن توڙي دڪانن ۽ هوٽلن ۾ گندگي ڏسي منهنجي زال کان به رڙ نڪري وئي. منهنجي زال ڪا لنڊن يا پئرس ۾ ڄائي نپني نه هئي. هوءَ دادوءَ جي هئي پر اها حقيقت آهي ته ان وقت 60 جي ڏهي ۾ دادو جو جڳت آباد، شاهاڻي پاڙو ويندي غريب آباد پاڙو ڏکڻ ڪوريا جي ڪيترين گهٽين کان صاف سٿرو هو. يعني دادو ۽ موري جهڙا شهر، منهنجو مطلب آهي تن ڏينهن وارا شهر، ڏکڻ ۽ اتر ڪوريا جي ڪيترن شهرن کان سهڻا، ماڊرن ۽ کاڌي پيتي جي شين ۾ امير هئا.

هڪ ٻي ڳالهه ته اسان پاڪستانين جي جنهن تنهن ملڪ ۾ عزت ڪئي وئي ٿي. اسان پڙهيل لکيل ۽ ماڻهپي وارا مڃيا وياسين ٿي. 1980ع تائين جپان، هانگ ڪانگ ۽ ڪوريا پاسي ۽ 1990ع تائين ملائيشيا، ٿائلينڊ ۽ انڊونيشيا پاسي، اسان انهن ملڪن جي هوائي اڏن تي پهچي پوءِ اتي پنهنجي پاسپورٽ تي ويزا جو ٺپو هڻايو ٿي. ڪنهن اهو نٿي پڇيو ته پاڻ سان گڏ رٽرن ٽڪيٽ به آندي اٿانوَ يا نه، توهان جي ملڪ ۾ توهان جي بئنڪ ۾ ڇا Balance آهي، يا سندن ملڪ ۾ گهمڻ لاءِ آيا آهيو يا نوڪريءَ لاءِ..........؟ سواءِ ڪنهن ايڪڙ ٻيڪڙ، هلڪي ڦلڪي واردات جي ، پاڪستاني امن وارا ليکيا ويا ٿي، پورهيت سمجهيا ويا ٿي. ڪو ڊاڪٽري، سائنس يا انجنيئري جي ڊگري حاصل ڪري ولايت ۾ نوڪري لاءِ آيو هو ته هو پنهنجي پنهنجي فيلڊ ۾ پڙ هو. هي اهو دور ۽ زمانو هو جڏهن اڃان اسان وٽ ڪلاشنڪوف ڪلچر شروع نه ٿيو هو، خودڪش حملا ۽ ٽارگيٽ ڪلنگ شروع نه ٿي هئي. سرڪاري ادارن ۽ بئنڪن ۾ ڏاڙا هڻڻ جو فئشن نه هو........ ۽ اڄ جو نوجوان سوچي نٿو سگهي ته هي يورپ جهڙا ملڪ ملائيشيا، سنگاپور، انڊونيشيا، ڪوريا ۽ هانگ ڪانگ اسان جي پاڪستان جي مقابلي ۾ ڪجهه به نه هئا. 1980ع ۾ ملائيشيا ۽ سنگاپور جي ڊالر جو قدر اسان جي ڇئن رپين برابر هو اڄ سنگاپور جو ڊالر اسان جي 50 رپين کان مٿي ٿي ويو آهي. سنگاپور، جتي اهڙو ته Crime هو جو اسان جو جهاز 1970 واري ڏهاڪي ۾ جڏهن ايندو هو ته اسان جي مڪاني آفيس وارا اسان کي ڏينهن ڏٺي جو به هيڏانهن هوڏانهن اڪيلو رلڻ کان منع ڪندا هئا.

1973ع جا مون وٽ فوٽا آهن جڏهن سنگاپور جي بسن تي اتي جي چئني قومي زبانن (چيني، تامل، ملئي ۽ انگريزيءَ) ۾ لکيل هوندو هو ته جيب ڪترن ۽ چورن کان خبردار رهو.
1975ع ۾ اسان  جي ڏهن رپين ۾ 300 جپاني يين مليا ٿي. اڄ ڏهين رپئي ۾ فقط 12 يين ملن ٿا. مشرقي پاڪستان جو ٽڪو بنگلاديش ٿيڻ وقت به اسان جي اڌ رپئي برابر هو اڄ بنگلاديش جو اهو ٽڪو اسان جي سوا رپئي برابر ٿي ويو آهي.

سو هي سفرنامون ”بندر ديسان ديس“ ڏور اوڀر ۽ ڏکڻ اوڀر جي انهن ملڪن جو آهي جتي ٻي جنگ عظيم کان پوءِ ڪسمپرسي جي حالت ٿي وئي هئي، پر پوءِ لڳاتار محنت، تعليم، انصاف ۽ امن امان قائم رکڻ ڪري اهي ملڪ اڄ واري حالت ۾ اچي ويا آهن جن کي ڏسي اسان کي حسرت ۽ سڌ ٿي ٿئي ته ڪاش! اسان جو ملڪ ۽ اسين به اهو مقام ماڻي سگهون! جيتوڻيڪ پاڻي گهڻو وهي چڪو آهي پر اڄ به اسان نيڪ اصولن تي هلي پاڻ کي ان ليول تي آڻي سگهون ٿا جنهن تي ملائيشيا، ٿائيلينڊ، جپان، ڪوريا ۽ انڊونيشيا جهڙا ملڪ پهچي اسان کي نيچ سمجهي رهيا آهن. هنن جي سياسي نيويگيٽرن سندن ملڪ جي جهاز کي رف سمنڊ مان ڪڍي سنتڙ ۾ پهچايو آهي ۽ هيڏانهن اسان جي ملڪ جو جهاز ڄڻ بنا سڙهن ۽ سکان جي فقط هيڏانهن هوڏانهن ٻتال ٿي رهيو آهي. ٿي سگهي ٿو ڪو سٺو ڪئپٽن، ڪي سٺا Navigators ملي وڃن جيڪي اسان جي ملڪ جي جهاز کي سامونڊي ڪُنن ۽ واچوڙن مان ڪڍي، ڪنهن بهتر بندرگاهه ۾ لنگر انداز ڪرائي سگهن.

هن ڪتاب ”بندر ديسان ديس“ جو پهريون ڇاپو ”سنڌي اڪيڊمي“ وارن ڇپيو جنهن اداري جو بنياد رکڻ وارو هڪ نوجوان اسلم لغاري هو. هيئنر ته هو مون وانگر پوڙهو ٿي ويو آهي ۽ گذريل ٽيهارو سالن کان ڪاوش اخبار وارن سان ڪم ڪري رهيو آهي. هتي آئون اهو ضرور چوندس ته هو هڪ باهمت ۽ گهڻن گڻن وارو انسان آهي. هن جيڪي حالتن سان مقابلا ڪيا ۽ محنت ڪئي ان جو شاهد آئون به آهيان. هو بنا پئسي ۽ بنا ڪنهن پڪي نوڪري جي 1970ع ڌاري ڪراچي ۾ آيو ۽ پنهنجي Survival لاءِ هن ڇپائيءَ جو ڪم اختيار ڪيو. ڇپيل رسالن يا ڪتابن جي مارڪيٽنگ لاءِ هن کي اڪيلي سر ڪراچي ۽ سڄي سنڌ ۾ ڊوڙڻو پيو. هن امداد حسيني ۽ حفيظ شيخ جا ڪتاب ”امداد آهي رول“ ۽ ”ساگر جي لهرن تي“ ڇپڻ جو ڪم شروع ڪيو. 1974ع ۾ منهنجو جهاز مهيني کن لاءِ ڪراچيءَ ۾ آيو ته هن مون کان منهنجو ڪو سفرنامو ڇپڻ لاءِ گهريو. مون وٽ ان وقت ڀي ٿي سفرناما مڪمل ٿيل هئا. مون هن کي ڏيندي چيو ته هڪ بدران سڀ وچي ڇپاءِ پر مارڪيٽنگ جو به بندوبست اٿئي؟

”ان جو توهان فڪر نه ڪريو“؛ اسلم لغاريءَ چيو، ”مونکي ڇپائي ۽ مارڪيٽنگ جو تجربو آهي. مون کي پڪ آهي ته منهنجا ڇپايل ڪتاب ماڻهن کي پسند ايندا“.

منهنجو جهاز جڏهن ڪراچيءَ کان روانو ٿيو ته ڪجهه ڏينهن بعد سمنڊ تي مونکي خيال آيو ته آئون تڪڙ ڪري پنهنجي سڄي محنت هڪ نينگر حوالي ڪري آيو آهيان، سڀاڻي هن کان منهنجو لکيل مواد گم ٿي وڃي ته مون وٽ ته فوٽو ڪاپي به نه آهي. ۽ يڪا ٽي چار ڪتاب ڏيڻ بدران هڪ هڪ ڪري ڏيان ها. بهرحال جيڪي ٿيڻو هو سو ٿي ويو. جهاز ڪراچي اچڻ جو نالو نه پئي ورتو ۽ هڪ ڀه دفعو ڪراچي بندرگاه ۾ ڪجهه ڏينهن آيو ٿي ته جهاز جا ڪم ئي گهڻا هئا. بهرحال ڪجهه سالن بعد وڏي موڪل تي لهڻ تي مونکي اهو معلوم ڪري خوشي ٿي ته اسلم لغاريءَ نه فقط منهنجا سڀ ڪتاب ڇپايا پر ان وقت جي حساب سان تمام سٺا ڪري ڇپايا ۽ قيمت به تمام معمولي رکيائين.

اسلم لغاري واريون ساڳيون خاصيتون خيرپور جي قربان منگيءَ ۾ آهن. هو پاڻ به، نه فقط سٺو ليکڪ آهي پر هن جپان ۽ آمريڪا جا خوبصورت سفرناما پڻ لکيا آهن.

پڙهندڙن لاءِ هتي اهو به لکندو هلان ته هي سفرنامون بندر ديسان ديس مون نه فقط rewrite ڪيو آهي پر وڌايو پڻ آهي.

الطاف شیخ
1 – جولاءِ 2010ع
Email: altafshaikh2005@gmail.com
altafshaikh2004@yohoo.co.uk